1. ڪاشف زين ڪيريو
2. ڊاڪٽر امير علي شاهه

# مير عبدالحسين خان سانگي جي شاعريءَ ۾ جماليات: هڪ اڀياس

# Aestheticism in Mir Abdul Hussain Khan Sangi’s Poetry

**_Abstract:_**

*The significance of aestheticism, its various facets in Sangi's poetry, and its connection to philosophical ideas are all explored in this study. A branch of philosophy known as estheticism has a close connection to both beauty and aesthetics and deals with art as a doctrine. Thematic and content analyses are used as research methods in this study, together with qualitative research methodology. The information leads to the conclusion that Mir Abdul Hussain Khan Sangi's poetry is inspired by the beauty and romanticism of the world around us. For the average person to enjoy himself and be able to appreciate the beauty around him, he has written his enchanting verses.*

سنڌ ڌرتي جي سرزمين تي ڪيترائي صوفي بزرگ، عالم، فاضل، فليسوف، ڪلاسيڪل ۽ جديد شاعر پيدا ٿيا. جن پنهنجي فڪر جي ذريعي انسان کي فطرت جو جمال، پاڻ سڃاڻڻ وارو فلسفو ۽ ٻين ڪيترن ئي زندگي جي انيڪ پهلوئن کان واقف ڪرايو. انهن شاعرن مان مير عبدالحسين خان سانگي بہ هڪ آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ جماليات جو عنصر بہ ملي ٿو.

مير عبدالحسين خان (سانگي) انگريز دور جو شاعر ٿي گذريو آهي.سندس جنم 1851ع ڌاري ڪلڪتي ۾ ٿيو. والد جي وفات ڪانپوءِ هو پنهنجي چاچي مير حسن علي خان سان گڏ سنڌ ۾ آيو. ڪيس ننڍپڻ کان ئي شاعريءَ جو وڏو شوق هو. سانگي اردو، فارسي، ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ شاعري ڪئي. سندس ڪتابن ۾ ديوان سانگي، لطائف لطيفي، ۽ ڪليات سانگي مشهور آهن. سانگي جون ٻہ شاديون هيون. پهرين گهرواريءَ جي وفات ڪانپوءِ سانگي گهڻو وقت اڪيلو نہ رهيو. سنت ئي ڊاڪٽر رائيٽ جي ڌيءَ مس رائيٽ سان شادي ڪيائين. سانگي ٻي شادي 1877ع ۾ ڪئي. سندس وفات 12 جون 1924ع ۾ ٿي.

---

[1]. شاگرد، سنڌي شعبو، شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي، شهيد بينظير آباد.

[2]. چيئرمين، سنڌي شعبو، شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي، شهيد بينظير آباد.

سانگي جي شاعريءَ ۾ وطن پرستي، قوميت جي جذبي جو جماليات جي ذريعي اظهار ڪيو آهي. سندس شاعري جماليات سان سينگاريل آهي. سانگي وسيع نظر وارو شاعر آهي. هو نہ صرف خوبصورت منظرن ۽ ماڻهن ڪي پيار جي نگاهہ سان ڏسي ٿو بلڪي هو پنهنجي شاعريءَ ۾ انهن منظرن ۽ ماڻهن جي سونهن، سوڀيان، جمال ۽ جلال ڪي امر ڪري ڇڏي ٿو. محدود اڀياس جي آڌار تي مير عبدالحسين خان سانگي جي شاعريءَ ۾ هڪ منفرد رخ ڪي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

جيئن تہ سانگيءَ جي شاعريءَ ۾ سونهن ۽ جماليات جو وڏو اثر آهي ۽ هوئين بہ انسان ذات جي اها فطرت رهي آهي تہ هو سونهن، خوبصورتي ۽ جماليات ڏانهن ئي مائل ٿيندو آهي. چاهي اهو ڪو قدرت جي تخليق جو اعلي مظهر ڪو حسين چهرو هجي يا ڪو من موهيندڙ منظر.

”جماليات بنيادي طرح حسن ۽ جمال جو فلسفو آهي ۽ ان سان گڏ هي اصول واضع ٿو ڪري يا ڪسوٽي مقرر ٿو ڪري.جنهن جي مدد سان فن ڪي فن يا حسين چئي سگهجي“(1).

جماليات پنهنجي گوناگون، عمليت ۽ حقيقت سبب فلسفي توڙي نفسيات جو تمام وڏو عنوان بڻجي چڪو آهي، جنهن جو نبيرو اڃان تائين ناهي ٿي سگهيو. جماليات جي معني آهي سونهن يا سونهن واري شي، يا وري وجود جي پرک جنهن ۾ ماخذ فطرت بہ هوندي آهي تہ فن بہ. فطرت اهي سمورا مظهر قدرت واري جي عطا آهن. جيئن پونم جو چنڊ، لهندڙ سج واري ويل، درياہ جون ڇوليون، سنڌوءَ ۾ ترڳندڙ چنڊ ۽ ان جو ڦهليل عڪس، مينهن جي وسڻ ڪان پوءِ مٽي مان ايندڙ خوشبو. ملهار، ڪڪرن جي لس، ڪويل جي ڪوڪ، ماڪ جي شفافيت، گلن جي سرهاڻ، اونهاري جون ٿڌيون شامون ۽ لهندڙ سج جو لامون، هي سڀ فطري سونهن (جمال) جا مظهر آهن. پر انهن مڙني ڪان اعليٰ سونهن جو عظيم مظهر تہ انسان خود ئي آهي.

”جماليات لفظ (جمال) مان نڪتل آهي جنهن جي معني آهي سونهن. جماليات کي عربيءَ ۾(جماليہ) چئبو آهي جنهن جي معني بہ خوبصورتي يا سونهن ئي آهي. جڏهن تہ جماليات کي فارسي ۾ (زيبايي شناسي) چئبو آهي جنهن جي معني پڻ سونهن يا خوبصورتي آهي“(2).

ڪن عالمن ۽ اديبن جو خيال آهي تہ سونهن واڌو حيثيت ۾ مجازي هجڻ سان گڏ شين جي خارج ۽ ظاهر ۾ موجود هوندي آهي ۽ جسم وانگر سونهن پڻ فنا آهي جيڪا فنا ٿي سگهي ٿي. ”موت ڪان پوءِ صرف جسم فنا ٿئي ٿو ۽ روح

پنهنجي مطلق ڏانهن وجي ٿو. ڪجھ ڏاهن پنهنجي احساسن سان محسوس ڪئي ويندڙ سونهن ۽ روحاني ۾ فرق واضع ڪندي روحاني سونهن کي عالمي مجتا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. بنيادي طور سونهن کي موضوع ڪري مڃيو ويو آهي“(3).

جماليات حسن جو علم آهي. جئين منطق سچائي جو علم آهي ۽ اخلاقيات نيڪي يا خير جو علم آهي. انهي ڪري فلسفي جي ميدان ۾ منطق ۽ اخلاقيات سيکارڻ سان گڏوگڏ جماليات جي تعليم پڻ ضروري هوندي آهي. جماليات جو علم انسان کي وحدت ۽ حسن جو ادراڪ پيش ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. انسان سونهن شناس آهي انهي ڪري ڪيس هر حسين شي مان وحدت ۽ ويجهائپ جو جو احساس اڀرندو رهي ٿو.ڪيترن ئي شاعرن جي شاعري جو مرڪزي موضوع فطرت ۽ ان جو جمال ئي رهيو آهي. اهڙي طرح سانگيءَ جي شاعريءَ ۾ پڻ اهو اثر آهي. جئين سندس هي شعر ڏسو

”اڄ وري موسم بهار آيو،
جو چمن ۾ هو گلزار آيو،
تون اچي ويٺين پهلوءَ ۾،
دل بي تاب کي قرار آيو.“ص:18

شاعر جو تصور ته ڏسو هن ڪئين ته بهار جي سموري سونهن کي نچوڙي پنهنجي غزل ۾ پريو آهي. بهار جي اچڻ سان هر طرف جمالياتي منظر هوندو آهي. جنهن ۾ هر بي تاب دل خوش هوندي آهي. تنهن ۾ ڪنهن سونهن واري جو اچي پهلوءَ ۾ ويهڻ اهو منظر بيان نه بلڪي محسوس ڪرڻ جو آهي.

”سدا ساوا رهن سهٽا هي وڻ ٽڻ ڪيٽيءَ جا،
سو ڦاڙهو سڱ ڪيئي سالم تو گودڙ ۾ گذاري جو.“ص: 29

قدرتي خوبصورتي سڀ ڪنهن جو من موهيو ڇڏي، جڏنهن ٻ ڪنهن جي نظر ان قدرتي نظارن تي پئي ٿي ان کي راحت محسوس ٿيندي آهي. هن شعر کي ڏسي ائين ٿو لڳي جڻ سانگي قدرتي خوبصورتي تي عاشق هجي. ساوڪ ۽ وڻن ٽڻن سان سندس وڏي محبت آهي ۽ هجي ٻ ڇو نه اها ساوڪ ئي ته قدرت جو حسن آهي.

سانگي فطرت جي حسن تي موهت آهي ڪيس هر هڪ اها شي حسين ۽ خوبصورت ٿي لڳي جيڪا قدرتي طور خوبصورت آهي. پوءِ چاهي اهو ڪو خوبصورت گل هجي يا ڪو گل جي پنکڙين جهڙو چهرو. سانگي ڪيس سار اهي ٿو.

”وڃي فردوس ۾ جاتو مون حورن جي حوالي ٿي،
چڱا سي ڏينهن جي گهورن ۾ تنهنجي يار گهاريا مون.“ص:31

قدرت جي جمال ڪيس موهي ڇڏيو آهي. حسن جو تاب ئي ڪجھ اهڙو آهي جو پٿر دل به پگھرجي ويندو آهي. سانگي ته وري به شاعر هو ۽ شاعر ته معصوم دل جا مالڪ هوندا آهن. جمال ته جمال آهي، حسن ته حسن آهي ۽ جيڪڏهن ان حسن جي تپش ۾ ڪجھ گھڙيون ويهڻ جي سوڀ ملي پوي ته وڏي خوش نصيبي آهي. ڪنهن انسان جي جمال جو سندس شاعري تي اهڙو ته اثر آهي جو حورن جي حسن جي هڪ به نه هلي.

"بهار آيو وري ۽ گل جي آمد بي سبب ناهي،
چمن ۾ گل ڏسڻ آيو آهي بلبل جي مدفن کي."ص:139

سانگيءَ جي شاعريءَ ۾ حسن ۽ جمال جي جيڪا قدر آهي اها تعريف جي قابل آهي. حسن انسان جي ذهني ڪيفيت هوندي آهي، جنهن به شخص سان ناطو جڙي ٿو. ان جو پوري ڪائنات ۾ ڪوبه ثاني نه آهي. اها ڪشش حسن جي آهي.گل چمن ۾ بي سبب ته ناهن هوندا اهي بهار جهڙي حسين مند جو آغاز هوندا آهن. سانگي حسن پرست آهي ڪيس فطرت جو عاشق چئي سگھجي ٿو.

"لڳي باد صبا آهي گلن کان رنگ گلشن کي،
آءُ سا بلبل آهيان پهچان نٿي جا گل جي دامن کي."ص:138

نياز، نوڙت ۽ بيوسي ته عاشقن جو مقدر آهي جيڪا انهن ۾ هئڻ به گھرجي پر هن شعر ۾ سانگي جي جيڪا ڪيفيت آهي ڏسو
ڪئين ته هن فطري جمال جي ذريعي بيان ڪئي آهي. هوا جي سنهڙي هير ۽ تنهن ۾ وري گلن جو ٻهڪڻ يقينن من موهيندڙ آهي.

"هميشه ناز بي جا نازنين جا بجا جاتم،
حسينن جا سدا پاتم اشارا ڪج ادائي جا."ص:45

هن شعر ۾ مشرق جو عڪس ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جمالياتي ۽ عشقيه شاعريءَ ۾ عاشق ۽ معشوق جي ڪردارن ۾ توازن ۽ ربط ئي پوري رخ ۽ سمت جي ذميداري آهي. هن سڄي شعر ۾ رومانيت ۽ حسن جو غلبو رهيو آهي.انهي ئي ڪيفيت کي سانگي وري ڪجھ هن ريت به بيان ڪري ٿو

"حسن موهي نه ڪا ڪرشمه و ناز،
دل گرفتار وضع ڪئي يڪبار."ص:45

هن مان ظاهر ٿئي ٿو ته سانگيءَ وٽ عاشق ۽ معشوق جي ڪردار ۾ هڪجهڙائي آهي ۽ اهو حسن و جمال جو اثر آهي ته هر شي دل کي وڻندڙ هوندي آهي. جماليات جي ترازوءَ ۾ نه معشوق بلند ۽ بالا آهي نه ئي وري عاشق هيچ ۽ ڪمتر آهي. جڏهن عشق جو ڇهبڪ لڳي ٿو ته هر شي حسين ۽ خوبصورت

لڳندي آهي. فطرت جي طرفان هر شي ۾ رومانوي عڪس نظر اچي ٿو جئين سانگي چوي ٿو ته:

”هرهر ڏئوتي حال دل بي قرار شمع،
هئي شام ڪان بہ تا بہ سحر اشڪبار شمع.“ص: 46

عاشق هرهر پنهنجو پاڻ کي پيو آئيني ۾ ڏسي. هن جي چهري تي عجب چمڪ ۽ خوبصورتي آهي جيڪا حقيقت ۾ هن جي چهري ۾ نہ بلڪي دل ۾ پيدا ٿي آهي ۽ هاڻي هن کي دنيا جي هر شي خوبصورت لڳندي.

ڏنو وڃي تہ سانگيءَ تي جمالياتي وجد طاري آهي جيڪا هن جي هر هڪ شعر ۾ سمايل آهي.

”آئينو بہ ششدر ٿيو ڏسي مون کي مشوش،
هي حال ڏسي منهنجو ٿي حيران محبت.“ص:46

سانگي لفظن کان ڪم وٺڻ خوب ڄاڻي جيئن هتي لفظ ’ششدر‘ مان مطلب ڪڍيو اٿس. محبت لفظ ئي حيراني آ. محبت مجبوري ۽ معذوري بہ آهي تہ طاقت ۽ اتساه پڻ آهي. حسن تہ حسن هوندو ئي آهي چاهي ڪنهن فطري نظاري جو هجي چاهي ڪنهن اشرف المخلوقات جو هجي حيران تہ ڪندو ئي آهي.

”پاڻي ٿو پئين ڏسجي ٿو گلو مان صاف،
آه سا بيشڪ بلور صنم.“ص:49

تشبيهون ۽ استعارا ڪنهن بہ ڪلام جي زينت سمجهيا ويندا آهن. جيڪي ان ڪلام يا شعر ۾ حسن و جمال جا گل ڇٽيندا آهن ۽ حقيقت ۾ اتان ئي شاعر جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

سانگيءَ جي ڪلام،شاعريءَ ۾ اها حسين و جميل خاصيت عام آهي. سانگي جي مٿيئن تشبيهہ شاعر جي ڪلام ۾ حسن جا عنصر پيدا ڪندي آهي جنهن سان عام ماڻهو بہ سندس ڪيفيت کي سمجهي ٿو سگهي. ڪنهن بہ شي يا حالت جي تعريف اهڙيءَ طرح بيان ڪرڻ جو ان شي جو عڪس اکين اڳيان اچي وڃي ان کي ئي شاعري جي جماليات چئبو آهي ۽ اهو فقط تشبيهہ سان ئي ممڪن آهي. جئين سانگي جو هي ڪمال ڏسو

”پير تنهنجي جو ننهن لتل آ،
ماه نو آسمان تي ٿيو روشن.“ص:49

جڏهن سانگي پنهنجي محبوب جي پير جو ننهن لتل ڏٺو آهي تہ هڪ دم نئين چنڊ جو خيال آيو اٿس

مجموئي طور تي سانگي جديد سنڌي غزل ذريعي سونهن ۽ حسن پيش ڪيو آهي. سندس شاعري ۾ فطري جماليات جو فڪر آهي

سندس شاعري تي سونهن ۽ جماليات جو وڏو اثر رهيو آهي. ڪيترن ئي شاعرن جماليات ڪي پنهنجي شاعري ۾ پيش ڪيو آهي پر سانگيءَ جو پنهنجو اثر آهي. سندس شاعريءَ ۾ سڪ ۽ پياس آهي. پاڻ فطرت ۾ پسڻ ٿو چاهي. سانگي الڳ نظريي ۽ اعلي قدرن وارو شاعر آهي. سندس شاعري ۾ جمال جو جيڪو قدر ملي ٿو اهو ڪيس سندس دور جي شاعرن کان منفرد ڪري ٿو. سانگي جي لفظ لفظ ۾ سڪ آهي. سانگي ڪي حسن و جمال جو نشو آهي. اهڙو نشو جيڪو ڪيس سرور بخشي ٿو.

## حوالا:


1. لغاري، اڪبر، فلسفي جي مختصر تاريخ، ڇاپو ٻيو، حيدرآباد، روشني پبليڪيشن، 2012ع، ص59
2. http;//hamariweb.com (dic) / http;//englishandarabic.com (dic)
3. مهراڻي، شير، ڊاڪٽر، شاه لطيف جي شاعري جو جديد اڀياس (لطيفيات)، ڪراچي، ذڪي پرنٽرس، 2014ع، ص 54


**نوٽ:** هي سمورا بيت: بدوي، احسان، سانگي شخصيت، فن ۽ ڪلام، ڇاپو پهريون، ٽيڪنيڪل پرنٽرز، ميڪلوڊ روڊ، ڪراچي، 1965ع مان ورتل آهن.